SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2001

# سنڌ مالياتي قانون (ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH FINANCIAL LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of W.P Act V of 1958

3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي شيڊول جي ترميم
Amendment of schedule of W.P Act XXXII of 1958

4. 1990 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعات 8 ۽ 9 کي ختم ڪرڻ
Omission of section 8 and 9 of Sindh Act IV of 1990

5. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعه 7 کي ختم ڪرڻ
Omission of section 7 of Sindh Act XIII of 1994

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 2001

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2001

# سنڌ مالياتي قانون (ترميم) آرڊيننس، 2001

# THE SINDH FINANCIAL LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[27 جنوري 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ ڪجهہ ٽيڪسز ۽ فيس کي معقول بڻايو ۽ ختم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ صوبي سنڌ ۾ ڪجهہ ٽيڪسز ۽ فيس کي معقول بڻائڻ ۽ ختم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پروويزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 تحت معطل آهي؛

۽ جيئن تہ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينزل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مالياتي قانون (ترميم)

آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

شروعات
Short title and commencement

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of W.P Act V of 1958

2. سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 4 ۾:

(a) شق (c) جي ذيلي شق (i) ۾، لفظن "ڇهہ سئو" لاءِ لفظن "اٺ سئو ۽ چوهٺ" کي متبادل بڻايو ويندو.

(b) شق (g) ۾، لفظن "پنج هزار" لاءِ لفظن "ست هزار ۽ ٻہ سئو" کي متبادل بڻايو ويندو.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXII جي شيڊول جي ترميم
Amendment of schedule of W.P Act XXXII of 1958

3. سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 جي شيڊول ۾:

(a) جريان نمبر 4 ۾ شق (iii) کانپوءِ، هيٺين وضاحت شامل ڪئي ويندي:

"وضاحت: هن شق جي مقصد لاءِ، سيٽن جي گنجائش ۾ ڊرائيور ۽ ڪنڊڪٽر جي سيٽ شامل نہ هوندي."

(b) جريان نمبر 5 جي آخر ۾، هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ شقن (a)، (b) ۽ (c) ۾ بيان ڪيل موٽر گاڏين تي ٽيڪس جي سلسلي ۾، سواءِ ڪمرشل گاڏين جي، گاڏين جي پهرين رجسٽريشن کان ٽيڪس جي ادائگي جي ڏهن ۽ پندرنهن سالن جي مڪمل ٿيڻ تي، ترتيبوار پنجهتر ۽ پنجاهہ سيڪڙو جي قيمت تي ٽيڪس ادا ڪئي ويندي."

1990 جي سنڌ ايڪٽ IV جي دفعات 8 ۽ 9 کي ختم ڪرڻ

4. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1990 جي دفعہ 8 ۽ 9 کي ختم ڪيو ويندو.

| | |
|---|---|
| Omission of section 8 and 9 of Sindh Act IV of 1990 | |
| 1994 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي دفعه 7 کي ختم ڪرڻ<br>Omission of section 7 of Sindh Act XIII of 1994 | 5. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 جي دفعه 7 کي ختم ڪيو ويندو.<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** |